دعوت اسلامي

رضا جو فيضان آهي

29-August-2024

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن پريو بيان

(for Islamic Brothers)

29 آگسٽ 2024ء (بمطابق: 23 صفرالمظفر، 1446ھ) تي پاڪستان جي

هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

دعوت اسلامي رضا جو فيضان آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ.....

- ... سڌو رستو ملي ويو
- ... حق جي سڃاڻپ جي لاءِ اسلام جي تعليم
- ... انهن جي پويان هلندو وڃ! سيئي تنهنجي پويان هلندا
- ... رضا جي خواب جي عملي تعبير

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهه (10) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي.[1]

نامِ حضرت پہ لاکھ بار دُرُود | بے عَدد اور بے شُمار دُرُود
ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے | دَم بدَم اور بَار بَار دُرُود
مومنو! آپ پر پڑھے جاؤ | با اَدَب اور باوَقار دُرُود
جو محِبّ نبی ہے اے کافی! | چاہیے اس کو بار بار دُرُود[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ درود پاڪ جي وڏي برڪت آهي جو ان جي صدقي دل مان منافقت جا اثر ختم تي ويندا آهن ۽ ايمان مضبوط تي ويندو آهي. علامہ ابنِ حجر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: درود پاڪ هڪ نيڪي ناهي بلڪ هي ڪيئي نيڪين جو مجموعو آهي. درود پاڪ پڙهڻ سان ايمان تازو ٿيندو آهي، هيءَ

[1] مجمع الزوائد،كتاب الادعية،فى الصلوة على النبى...الخ،جلد:10، صفحہ:184، حديث:17298

[2] كافى كى نعت، صفحہ:38۔

هڪ نيڪي آهي. ۞ درود پاڪ جي برڪت سان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي يقين وڌندو آهي، هيءَ ٻي نيڪي آهي. ۞ درود پاڪ پڙهڻ ۾ تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آهي، هيءَ ٽين نيڪي آهي. ۞ درود پاڪ پڙهڻ سان آخرت تي ايمان پڪو ٿي ويندو آهي، هيءَ چوٿين نيڪي آهي. ۞ درود پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي احسانن جو ذڪر آهي، هيءَ پنجين نيڪي آهي. ۞ درود پاڪ ۾ نيڪن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر آهي ۽ نيڪن جي ذڪر تي رحمت نازل ٿيندي آهي، هيءَ ڇهين نيڪي آهي[1].

انهيءَ ريت ٻيون به ڪوڙ نيڪيون آهن جيڪي هڪ درود پاڪ جي ضمن ۾ اچن ٿيون. ان ڪري اسان کي گهرجي ته دل ۾ ايمان وڌائڻ، عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي پروان چاڙهڻ ۽ الله پاڪ جي رحمتن جو حقدار بڻجڻ لاءِ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا رهون.

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرُود پڑھو! | مُحِبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر دُرُود پڑھو!
جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیش تر دُرُود پڑھو!
ہزار دَرد کو یہ ایک دَوا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطر دُرُود پڑھو![2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

---

[1] الدر المنضود، مقدمہ، الفائدة الرابعہ...الخ، فوائد فی الامر بالصلاة علیہ، صفحہ:22۔

[2] نورِ ایمان، صفحہ:56تا57 ملتقطاً۔

[3] مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حدیث:6895۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڏي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سڌو رستو ملي ويو

حيدرآباد (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته 1990ع جي ڳالهه آهي، بدعقيدي اسان جي خاندان ۾ پڪڙجي چڪي هئي. مان پاڻ پريشان هئس ته ڪهڙا ماڻهو سڌي رستي تي آهن، مون کي ڪنهن جي پويان هلڻ گهرجي. هڪ رات مون تمام گهڻي پريشانيءَ جي حالت ۾ هيءَ دعا گهري: يا الله پاڪ، مون کي صحيح عقيدو اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ. ان کان پوءِ مان سمهي پيس. خواب ۾ مون کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي، ويجهو ئي نوراني چهري وارا ٻه بزرگ به موجود هئا. انهن مان هڪ جي طرف اشارو ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي احمد رضا آهن، انهن جي مسلڪ کي اپنايو! پوءِ ٻي هستي جي باري ۾ فرمايو: هي الياس قادري آهن، انهن جا مريد ٿي وڃو! جڏهن مان جاڳيس ته پنهنجي خوش نصيبيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان ڏينهن کان مون اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جو دامن مضبوطي سان پڪڙي ورتو ۽ امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتهم العاليه سان بيعت ڪري عطاري به ٿي ويس. دعوت اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان اڄ منهنجو سڄو خاندان عاشقِ رسول**

بڻجي چڪو آهي.[1]

جلوہ ہے نور ہے کہ سراپا رضا کا ہے | تصویرِ سُنّیت ہے کہ چہرہ رضا کا ہے
کس کی مجال ہے کہ نظر بھی مِلا سکے | دربارِ مصطفٰی میں ٹِھکانا رضا کا ہے
اس دورِ پُرفتن میں نظر خوش عقیدگی | سرکار کا کَرم ہے وسیلہ رضا کا ہے

وضاحت: حضور اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو جسم مبارڪ الله پاڪ جي نور ۽ تجليات جو مظهر آهي ۽ سندن چهرو مبارڪ سنّيت جي پهچان آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضور ۾ ڪين جيڪو مقام ۽ مرتبو حاصل آهي، اڄ جي دور ۾ ڪنهن جي مجال آهي جو ان مقام سان نظر به ملائي سگهي. الله پاڪ جي ڪرم سان جيڪڏهن اڄ اسان کي سنو عقيدو حاصل آهي ته اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم ۽ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وسيلي سان حاصل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ديدارِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ خدا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ رَاٰنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَاٰنِي ، فَاِنَّ الشَّيْطَانَ لا يَتَمَثَّلُ بِمِثْلِي يعني جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو، ان مون کي ئي ڏٺو، بيشڪ شيطان (خواب ۾ به) منهنجي مثل بڻجي(يعني منهنجي شڪل ۽ صورت اختيار ڪري) نٿو اچي سگهي.[2]

هن حديث پاڪ مان ثابت آهي ته اڄ به جيڪڏهن ڪنهن خوش نصيب تي ڪرم ٿئي، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف ڪٽي

---

[1] اعلیٰ حضرت کی انفرادی کوشش ، صفحہ:5۔
[2] مسند احمد،جلد: 16، صفحہ:44،حدیث: 9966۔

اچن تہ اهو حقيقت ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف ماڻيندو آهي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ جيڪو فرمائن، اهو يقيناً حق، حق ۽ حق ئي هوندو آهي. ها! ان جي صحيح تعبير سمجهڻ ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

عاشقانِ رسول تي ڪرم نوازيون

الحمد لله! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم آهي جو سندن وقت بوقت حق تلاش ڪندڙن جي خواب ۾ تشريف فرما ٿيندا ۽ انهن کي سڌي رستي جي سجاڻپ ڪرائيندا آهن. ربّ رحمٰن جو وڏو ڪرم آهي جو اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم خوابن ذريعي اسان عاشقانِ رسول جي سچن عقيدن جي تصديق فرمائيندا آهن. ملتان شريف جو واقعو آهي، هڪ طالب علم هو، جيڪو ڪنهن بد مذهب وٽ علم حاصل ڪندو هو. بد مذهب تہ ظاهر آهي بد مذهب ئي هوندو آهي، ان کان عشقِ رسول ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿو؟ سو اهو طالب علم ان بد مذهب جون ڳالهيون ٻڌندو هو، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ان جون گستاخيون ٻڌندو هو، پريشان بہ ٿيندو هو، آخرڪار هڪ دفعي اهو طالبِ علم غزاليءِ دوران حضرت علامہ ڪاظمي شاهہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ اچي ويو، سندس ذهن پريشان هو، سمجهي نہ پئي سگهيو تہ ڪير سڌي رستي تي آهي. علامہ احمد سعيد ڪاظمي شاهہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان سان گفتگو ڪئي ۽ فرمايو: **توکي صحيح رستي جي سجاڻپ گهرجي! اڄ رات ٿي ويندي.**

غزاليءِ زمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي فرمان ڇا هو، ڪُلي ڪرامت هئي، اهو طالب علم رات جو سمهي پيو تہ سندس قسمت جاڳي پئي، خواب ۾ پيارا آقا، نور وارا

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم نوراني چهرو چمڪائيندي تشريف فرما ٿيا. **پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي تلقين ڪئي تہ علامہ ڪاظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مدرسي ۾ ئي پڙهو! اهي ئي صحيح رستي وارا آهن.**

اہلِ ایمان تو کیوں پریشان ہے | رَہبری کو تیری کَنْزُالْایمان ہے
ہر قدم پر یہ تیرا نگہبان ہے | یا خُدا یہ اَمانت سَلامت رہے
مسلکِ اعلیٰ حضرت سَلامت رہے

لاکھ جلتے رہیں دُشمنانِ رَضا | کم نہ ہوں گے کبھی مَدْحَ خوانِ رَضا
کہہ رہے ہیں سبھی عاشقانِ رَضا | مسلکِ اعلیٰ حضرت سَلامت رہے
مسلکِ اعلیٰ حضرت سَلامت رہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

حق جي سچائپ لاءِ اسلامي تعليمات

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اسان جو پيارو دين اسلام سچو دين آهي، هاڻي قيامت تائين هي ئي دين هوندو، هاڻي نہ ڪو نئون نبي ايندو، نہ ڪو نئون دين ٿيندو، اسان کي اسلام جي مزاج سان ڪجهہ واقفيت حاصل ڪرڻ گهرجي، ڳالهہ قيامت تائين جي آهي، گذريل تقريباً ساڍن 14 صدين ۾ هزارين فتنا اٿيا، اڳتي بہ قيامت تائين فتنا اٿندا رهندا، انهن فتنن جي وچ ۾ حق کي سچائڻ لاءِ اسلام اسان کي ڇا تعليم ڏئي ٿو؟ هن تعليم کي سٺي طرح سمجهڻ جي ضرورت آهي، حق جي سچائپ جي باري ۾ اسلام جو مزاج ڇا آهي؟ اڄ هن مزاج کي پنهنجن سينن ۾ سمائڻ جي وڏي ضرورت آهي.

حق جي سچائپ جي باري ۾ اسلام جو مزاج ڇا آهي؟ قرآنِ ڪريم مان ڪجهہ مثالون مان اوهان جي سامهون رکان ٿو:

انعام ماڻيندڙ ٻانها حق جو معيار آهن

پهريون سيپارو آهي، سورهءِ فاتحه آهي ۽ ڳالهه آهي صراطِ مستقيم جي، سڌي رستي جي سجاڻپ جي...!! مثال طور 15 هين صدي هجري آهي، مون کي ڪيئن خبر پوندي تہ سڌو رستو ڪهڙو آهي؟ قرآنِ ڪريم اسان کي ان جي سجاڻپ ٻڌائي، ارشاد ٿئي ٿو:

صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ	تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو.

معلوم ٿيو تہ جن تي الله پاڪ جو انعام ٿيو، انهن جو جيڪو رستو آهي اهو صراطِ مستقيم آهي. هاڻي اهي انعام ماڻيندڙ ماڻهو ڪير آهن؟ سيپارو: 5، سوره نساء، آيت: 69 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ	تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: جن تي الله فضل ڪيو يعني انبياء ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالحَ.

ڇڻ تہ اسان کي فرمايو پيو وڃي: انبياءِ ڪرام عليهم السَّلام جو جيڪو رستو آهي، ان رستي تي هلو، اهو سڌو رستو آهي، صديقين جي رستي تي هلو، اهو سڌو رستو آهي، شهيدن جي رستي تي هلو، اهو سڌو رستو آهي، نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلو، اهو سڌو رستو آهي.

سمجهڻ جي ڳالهه آهي، قرآنِ ڪريم اسان کي رول ماڊل ڏيڪاريا، شخصيتون ٻڌايون ۽ فرمايو، انهن ماڻهن جي پويان هلو! هي ماڻهو حق جو معيار آهن، هي ئي سڌي رستي جي سجاڻپ آهن.

خبر پئي؛ اسلام جو مزاج اهو آهي تہ اسلام شخصيتن کي حق جو معيار قرار ڏئي ٿو، نبي تہ هاڻي کو نٿو اچي سگهي، اسان جا پيارا نبي حضرت محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، نبوت جو دروازو سندن تي بند ٿي چڪو، قيامت جي ويجهو صرف حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تشريف آڻيندا، اهو بہ نبي جي حيثيت سان نہ بلڪ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي امتي جي حيثيت سان ايندا، مطلب تہ: نبوت جو دروازو هاڻي قيامت تائين بند آهي، کو بہ نئون نبي هاڻي نہ ايندو. البتہ قيامت تائين صديق بہ ايندا رهندا، شهيد بہ ايندا رهندا ۽ صالح بہ ايندا رهندا، هر دور ۾ هي بلند مرتبہ ماڻهو حق جي سچاڻپ آهن، انهن جي پويان هلندڙ ئي سڌي رستي تي رهي ٿو.

جن پہ ہے اِنعام تیرا اے خُدا | راہ پر اُن کی چلیں ہم تاحیات

ربّ جي طرف رجوع رکڻ وارا حق جو معيار آهن

هن ڳالهہ جي هڪ ٻي مثال ٻڌو! اسلام جو ابتدائي دور هو، مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪلمو پڙهي چڪا هئا، سندن ڪلمو پڙهڻ سان ئي ٻين کي اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي، سندن دعوت جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿيا، انهن مسلمان ٿيڻ وارن ۾ هڪ نالو حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بہ هو.

توهان کي خبر آهي تہ ان وقت جيڪو ڪلمو پڙهندو هو، ان کي مختلف قسم جي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوندو هو، مڪي وارا تڪليفون پهچائيندا ها، ڪنهن کي تپندڙ واريءَ تي ليٽائي ڇڏيندا ها، ڪنهن کي ماريندا ها، رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيندا ها، هزارين قِسم جون تڪليفون ڏيندا ها. هن

موقعي تي حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي هڪ الڳ قسم جي مشڪل پيش آئي، سندن والده جيڪي ان وقت غير مُسْلِم هيون، انهن ڪلمو نہ پڙهيو هو، والده کين جذباتي ڏمڪي ڏني، ايموشنل بليڪ ميل ڪيو، چيو: اي سعد! توکي هي دين ڇڏڻو پوندو، جيڪڏهن تون هي دين نہ ڇڏيندين تہ مان کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندس ۽ بکايل مري ويندس، ائين منهنجي ڪري توکي بُرو ڀلو چيو ويندو ۽ ماڻهو توکي ماءُ جو قاتل چوندا.[1]

حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تمام گهڻو پريشان ٿيا، ڪريان تہ ڇا ڪريان؟ هڪ پاسي ماءُ آهي، ٻي پاسي دينِ اسلام آهي، ٻن راهن تي اچي ويو آهيان. هن مشڪل وقت ۾ الله پاڪ قرآنِ ڪريم جي آيت نازل فرمائي،[2] ارشاد ٿيو:

وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ	تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل.

يعني اي سعد (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ)! پنهنجي والده جي ڪري دينِ اسلام نہ ڇڏيو! بلڪ ان (ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) جي رستي تي هلو جيڪو اسان جي طرف رجوع ڪرڻ وارو آهي.

هتي بہ ڏسو! شخصيت کي سامهون رکيو ويو، رول ماڊل ٻڌايو ويو ۽ قيامت تائين لاءِ هي اصول اسان کي ڏئي ڇڏيو تہ ڪو بہ زمانو هجي، ڪو بہ دور هجي، ڪا صدي هجي، ڪهڙا بہ فتنا اٿي رهيا هجن، هي غور ڪيو تہ الله پاڪ جي طرف رجوع رکڻ وارو ڪير آهي، جيڪو الله پاڪ جي طرف رجوع

[1]...تاريخ دمشق، جلد:20، صفحہ:331۔

[2]...تاريخ دمشق، جلد:20، صفحہ:331ملخصاً۔

رکڻ وارو آهي، ان جي پويان هلو! هي ئي سڌي رستي جي سجاڻپ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان اهو معلوم ٿيو تہ الله پاڪ هر دور ۾ اهڙن بلند رُتبي وارن ماڻهن کي پيدا فرمائيندو آهي جن تي الله پاڪ جو وڏو انعام ٿيندو آهي، جيڪي الله پاڪ ڏانهن رجوع رکڻ وارا بہ هوندا آهن، هر دور ۾ اهي هستيون حق جي سجاڻپ هونديون آهن، حق جو معيار هونديون آهن ۽ انهن جي پويان هلندڙ ئي سڌي رستي جو مسافر بڻبو آهي.

جنّتي گروه (ٽولو) ڪير...؟

تمام مشهور حديثِ پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بني اسرائيل 72 فرقن ۾ ورهائجي ويا هئا، منهنجي اُمّت 73 فرقن ۾ ورهائجي ويندي، انهن مان هڪ جنّتي آهي، باقي سڀ دوزخ ۾ ويندا. پڇيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اهو جيڪو هڪ جنّتي هوندو؟ اهو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: مَا اَنَاعَلَيْهِ وَ اَصْحَابِيْ يعني اهو گروه جنّتي هوندو جيڪو منهنجي ۽ منهنجي صحابہ جي رستي تي هلندو[1].

قرآن کی تفسیر صحابہ کے عقائد | ایمان کی تنویر صحابہ کے عقائد
واللہ ! انہیں رہبر کونین سمجھئے | عرفان کی تاثیر صحابہ کے عقائد

وضاحت: صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جا عقيدا قرآن پاڪ جي حقيقي تفسير آهن، انهن بزرگن جا عقيدا ايمان کي روشن ڪندڙ آهن، الله پاڪ جو قسم! انهن مبارڪ هستين کي ٻنهي جهانن ۾ پنهنجو رهبر سمجهو! مڃيو! ربّ جي حقيقي سجاڻپ انهن بزرگن جي عقيدن جي ذريعي ملندي.

سُبْحٰنَ الله! هتي بہ ڏسو! اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تہ ڪامل طور حق آهن،

[1] ترمذی، جلد:4، صفحہ:381، حدیث:2641۔

ان سان گڏوگڏ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي ۽ جيڪي بہ انهن جي رستي تي هلن، انهن کي حق جي سچاڻپ ٻڌايو ويو، مطلب اهو آهي تہ اُمت 73 فرقن ۾ ورهائجي ويندي، انهن مان هڪ ئي جنّتي آهي، باقي سڀ دوزخ ۾ ويندا، اسان سڀني تي لازم آهي تہ اسان ان هڪ جنّتي گروهہ ۾ رهون، باقي دوزخين کان پري ٿي وڃون، هاڻي سوال هي آهي تہ ان هڪ جنّتي کي سچاڻبو ڪيئن؟ 73 مان هڪ کي ڳولبو ڪيئن؟ اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سچاڻپ ٻڌائي، فرمايائون: ڏسو! **جنهن جا عقيدا منهنجي صحابہ جي عقيدن جهڙا هجن، ان جي پويان هلي پئجو، اهو ئي گروهہ جنّتي هوندو.**

هن دور ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حق جي سچاڻپ آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ۽ حديث جي هن تعليمات مان اسان کي معلوم ٿيو تہ هر دور ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا ويندا آهن، جن تي الله پاڪ جو انعام هوندو آهي، جيڪي الله پاڪ ڏانهن رجوع رکڻ وارا هوندا آهن، جن جا عقيدا صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي عقيدن جهڙا هوندا آهن، جن جي ايماني ڪيفيت، عشقِ رسول ۽ اخلاق و ڪردار ۾ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو فيض نظر ايندو آهي، اهڙا بلند رُتبي وارا ماڻهو حق جي سچاڻپ هوندا آهن.

الحمد لله! الله پاڪ جو ڪرم ٿيو، ان ربّ رحمٰن اسان تي فضل فرمايو تہ گذريل صدي هجري ۾ بريلي جي سرزمين تي هڪ اهڙي مردِ قلندر کي پيدا فرمايو جيڪو پيدائشي طور تي ولي بہ هو، عشقِ رسول اهڙو جو عاشقن جا امام آهن، علم اهڙو جو وڏا وڏا عالم انهن جا شاگرد نظر اچن ٿا، مفتي اهڙا جو انهن کان وڏو مفتي اڄ جي دور ۾ نظر نٿو اچي، محدث بہ سيني کان وڏا هئا، مفسر بہ وڏي ڪمال جا هئا، نالو انهن جو احمد رضا آهي، ماڻهو انهن کي

اعليٰ حضرت چوندا آهن، اڄ جي فتنن واري دور ۾ سندن نالو حق جي سچائپ آهي.

آبروئے مومناں احمد رضا خاں قادری
علم میں بحرِ رَواں احمد رضا خاں قادری
رہنمائے گمرہاں احمد رضا خاں قادری
دِین میں گوہر فشاں احمد رضا خاں قادری[1]

وضاحت: مؤمنن جي عزت ۽ آبرو، گمراهن جي هادي ۽ رهنما، علم جي سمنڊ، دين جو فيض عام ڪرڻ واري ڪي احمد رضا خان قادري سڏيو وڃي ٿو.

اعلٰي حضرت تي الله پاڪ جا انعام

قرآنِ ڪريم ٻڌايو ته جن تي الله پاڪ جا خاص ديني انعام هجن، اهي سڏي رستي وارا آهن. هاڻي اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي الله پاڪ جي انعامن جي هڪ جهلڪ ڏسو! ۞ اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ صرف 4 سال هئي، اسان وٽ عام طور تي 4 سال جي ٻار کي صحيح ڳالهائڻ به ناهي ايندو، اڪثر ٻار ٻاتائي ڳالهائيندا آهن بلڪ ڪي ته هن عمر ۾ فيدر پيئندا آهن پر اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 4 سال جي عمر مبارڪ ۾ ناظره قرآن ڪريم مڪمل ڪري چڪا هئا. ۞ عام طور تي 6 کان 7 سال جي ٻارن جا ڏند ڪِرڻ شروع ٿيندا آهن، اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن عمر ۾ پريل ميڙ ۾ عالمن ۽ مشائخن جي موجودگي ۾ عربي ٻولي ۾ تقرير فرمائي رهيا هئا. ۞ 13 سال جو ٻار هجي، انکي ڪٿي گڏ وٺي وڃڻو هجي ته ڪيس باقاعده سمجهائڻو پوندو آهي، پٽ! اُتي وڃي هي نه ڪجان، هو نه ڪجان، پر اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 8 سال هئي، جڏهن سندن درسِ نظامي ۾ پڙهائي ويندڙ عربي ڪتاب

[1] ... قبالۂ بخشش، صفحہ:344۔

تي عربي ٻوليءَ ۾ حاشيو لکي رهيا هئا. 13 سال، 10 مهينا، 5 ڏينهن جي عمر مبارڪ ۾ سندن پهريون فتوو لکيو ۽ باقاعده طور تي مفتي جي مسند تي ويٺا. 22 سال جي عمر مبارڪ هئي، جڏهن سندن شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ بيعت لاءِ حاضر ٿيا. شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انداز مبارڪ اهو هو تہ جيڪو بہ بيعت لاءِ ايندو هو، ان کي ڪيترائي سال تائين مجاهدات ڪرائيندا هئا، رياضتون ٿينديون هيون، پر قربان وڃان! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 22 سال جو نوجوان آهي، شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ پهتا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏسندي ئي فرمايائون: **اچو! اسان تہ ڪيئي ڏينهن کان انتظار ڪري رهيا هئاسين.**[1] پوءِ پهرين ئي ملاقات ۾ ڪين پنهنجي هونهار ۽ نئين مريد کي خلافت بہ عطا فرمائي ڇڏي، ٻيا مريد حيران هئا تہ هن آستاني تان خلافت حاصل ڪرڻ ايترو آسان ناهي، ڪيترائي سال محنت ٿيندي آهي، تڏهن هي نعمت ملندي آهي، احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي اهڙو ڪرم ڇو؟ پير صاحب کان هن حڪمت جي باري ۾ پڇيو ويو تہ سندن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، پوءِ فرمايائون: اي انسانو! توهان احمد رضا کي ڇا ڄاڻو...! پوءِ فرمايائون: مان فڪر مند هئس تہ جيڪڏهن الله پاڪ قيامت جي ڏينهن مونکان پڇيو: اي آلِ رسول! تو دنيا مان اسان لاءِ ڇا آندو آهي؟ تہ مان ڇا جواب ڏيندس؟ الحمد لله! اڄ اها فڪر ختم ٿي وئي. **هاڻي جيڪڏهن الله پاڪ مونکان پڇيو تہ آلِ رسول! دنيا مان ڇا آندو اٿئي تہ مان مولانا احمد رضا کي پيش ڪري ڇڏيندس.**

روزِ محشر اگر مجھ سے پوچھے خُدا | بول آلِ رسول تُو لایا ہے کیا
عرض کر دوں گا لایا ہوں احمد رضا | یاخُدا یہ امانت سلامت رہے

---

[1]...فيضان اعليٰ حضرت، صفحہ:316۔

مسلکِ اعلیٰ حضرت سلامت رہے

شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: (انسانو! ٻڌو...!) باقي حضرات ڪَٿ چڙيل دل ڪٽي ايندا آهن، انهن کي تيار ڪرڻو پوندو آهي، احمد رضا صاف شفاف دل ڪٽي بلڪل تيار ٿي آيا آهن، انهن کي ته رڳو نسبت جي ضرورت هئي.[1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! دل جي مڪمل پاڪيزگي، ڪامل صفائي گهرجي ته صوفي سڳورن فرمايو: هن لاءِ 80 سالن جي محنت گهربل آهي پر هتي هڪ 22 سالن جو نوجوان وقت جي بلند رتبي واري وليُّ الله کان اجازت ۽ خلافت حاصل ڪري رهيو آهي، پيرِ ڪامل جو رتبو حاصل ڪري رهيو آهي. هي الله پاڪ جو خاص انعام ناهي ته ٻيو ڇا آهي...؟

تُو نے باطل کو مٹایا اے امام احمد رضا
زور باطل کا، ضَلالت کا تھا جس دم ہند میں
تُونے باطل کو مٹا کر دین کو بخشی جِلا
دین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا
تُو مجدِّد بن کے آیا اے امام احمد رضا
سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا[2]

اعلیٰ حضرت ۽ صحابءِ ڪرام جا عقيدا

اهڙي طرح پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنّتي گروهه جي سڃاڻپ ٻڌائي ته انهن جا عقيدا صحابءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي عقيدن مطابق هوندا، هاڻي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ هڪ طرف صحابءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جا عقيدا ڏسو! ٻي طرف مسلکِ اعلیٰ حضرت کي ڏسندا وڃو! پتو پئجي ويندو ته اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها هستي آهي جيڪا اڄ جي دور ۾ حق جي سڃاڻپ آهي.

---

[1] تجليات امام احمد رضا، صفحه:37۔

[2] ... وسائلِ بخشش، صفحه:535۔

چند مثالون پيش ڪريان ٿو، قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي؛ ۞ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو عقيدو هو تہ پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب ڏنو ويو آهي، هن دور ۾ علم غيب جي عقيدي تي پهرو ڏيڻ وارا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن. ۞ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو عقيدو هو تہ محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نور آهن، هن دور ۾ نور جي عقيدي تي پهرو ڏيڻ وارا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن ۞ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو عقيدو هو تہ الله پاڪ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي مختارِ ڪُل بڻايو آهي، هن دور ۾ اختياراتِ مصطفيٰ جي عقيدي تي پهرو ڏيڻ وارا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن. ۞ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو عقيدو هو تہ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم روزِ قيامت شفاعت ڪندا، هن دور ۾ شفاعت جي عقيدي تي پهرو ڏيڻ وارا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن. ۞ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو عقيدو هو تہ جيڪو بہ ڏيندو آهي، الله ڏيندو آهي، محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تقسيم ڪندا آهن، هن دور ۾ هن عقيدي تي پهرو ڏيڻ واري هستي کي اعليٰ حضرت چيو ويندو آهي.

علم کے ہیں گُلستاں احمد رضا خاں قادری
باغِ دِیں کے گُل فِشاں احمد رضا خاں قادری

حق شناس و حق نما و نائبِ شمس الضحیٰ
وارثِ پیغمبراں احمد رضا خاں قادری

تیرا علم و فضل و شان و شوکت و جاہ و حشم
شش جہت پر ہے عیاں احمد رضا خاں قادری

دے مبارکباد ان کو قادری رضوی جمیلؔ
جن کے مرشد ہیں میاں احمد رضا خاں قادری[1]

وضاحت: علمِ دين جو باغ، ان باغ جا گل پکيڙڻ وارا، الله پاڪ جي سجاڻپ رکندڙ، نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّمَ جا نائب، بلڪ انبياء جي وارث کي احمد رضا خان قادري چيو ويندو آهي، سندن علم ۽ فضل، شان ۽ شوڪت هر طرف عام آهي،

[1] ... قبالۂ بخشش، صفحہ:344۔

اي جميل قادري! انهن خوش نصيبن کي مبارڪ باد ڏيو! جن جا پير احمد رضا خان قادري آهن.

حق کي سڃاڻڻ جو طريقو

ڪنهن شخص پڇيو هو ته ماڻهو فرقن ۾ ورهائجي ويا آهن، حق کي ڪيئن سڃاڻجي؟ جواب ڏيندڙ نهايت خوبصورت جواب ڏنو، چيائين: پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنّتي گروهه جي سڃاڻپ ٻڌائي ته "مَا اَنَاعَلَيْهِ وَ اَصْحَابِيْ" يعني جيڪو منهنجي طريقي تي آهي، منهنجي صحابه جي رستي تي آهي، اهو جنّتي گروهه آهي. تفصيلي عقيدا ۽ نظريا پنهنجي جاءِ تي پر سمجهڻ لاءِ هڪ ننڍي مثال پنهنجي ذهن ۾ رکو! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي ڏينهن رات جو وظيفو هو، ڳالهه ڳالهه تي چوندا هئا: " فِدَاكَ اُمِّيْ و اَبِيْ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ" يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿي وڃن.

چوڻ واري چيو: بس هي هڪ ڳالهه ڏسي وٺو ته اڄ جي دور ۾ ڪنهن جي زبان تي آهي؟ برصغير ۾ وڏا وڏا اديب به ٿيا، وڏا وڏا شاعر به آيا، وڏا وڏا مصنف به ٿيا، وڏا وڏا محقق به ٿيا، پر هن زمين تي هڪ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن جن چيو:

کروں تیرے نام پہ جاں فدا، نہ بس ایک جاں دو جہاں فدا
دو جہاں سے بھی نہیں جی بھرا، کروں کیا کروڑوں جہاں نہیں[1]

هڪ طرف صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جو اندازِ عشق آهي، ٻي طرف اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو اندازِ عشق آهي، اعليٰ حضرت جي عشق ۾ عشقِ صحابه جو فيضان صاف نظر اچي ٿو، هن ۾ اشارو آهي ته اڄ جي دور ۾ حق جي سڃاڻپ جيڪڏهن ڪا آهي ته اهي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن.

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:344۔

عاشقِ رسول کي سڃاڻڻ جو نرالو انداز

مکي پاڪ ۾ مالڪي فقہ جا هڪ عظيم مفتي ها؛ علامہ شيخ سيد محمد عَلَوِي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **مولانا احمد رضا خان بريلوي سان محبت سنّيت جي علامت آهي ۽ انهن سان بغض ۽ عداوت بدعت جي علامت آهي.** [1]

حضرت علامہ قادر بخش سَهْسَرامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن، هڪ دفعي ماڻهن پڇيو تہ اسان کي عاشقِ رسول سني ۽ بدمذهب جي سڃاڻپ جو ڪو سادو قاعدو ٻڌايو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جنهن ماڻهو جي باري ۾ اهو معلوم ڪرڻو هجي تہ بدمذهب آهي يا عاشقِ رسول آهي تہ ان جي سامهون مولانا احمد رضا خان صاحب جو ذڪر شروع ڪيو! جيڪڏهن چهري تي مسڪراهٽ اچي تہ سمجهي وجو تہ اهو عاشقِ رسول سني آهي ۽ جيڪڏهن منهن بِڳاڙي تہ سمجهي وجو تہ بدمذهب آهي. [2]

جلوہ ہے نور ہے کہ سراپا رضا کا ہے | تصویرِ سُنّیت ہے کہ چہرہ رضا کا ہے
اس دورِ پُرفتن میں نظر خوش عقیدگی | سرکار کا کَرم ہے وسیلہ رضا کا ہے

وضاحت: حضور اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو جسم مبارڪ الله پاڪ جي نور ۽ تجليات جو مظهر آهي ۽ سندن چهرو مبارڪ سنّيت جي پهچان آهي. الله پاڪ جي ڪرم سان جيڪڏهن اڄ اسان کي سنو عقيدو حاصل آهي تہ اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان ۽ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وسيلي سان حاصل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...جہانِ امام احمد رضا، جلد:14، صفحہ:40 ملخصاً۔

[2]...حیاتِ اعلیٰ حضرت، جلد:3، صفحہ:274 ملخصاً۔

انهن جي پويان هلندو وڃ! سڀ تنهنجي پويان هلندا

هڪ پيرو سيدي اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مهائم شريف (هند) جي هڪ مجذوب سان ملاقات لاءِ تشريف کڻي ويا، حضرت عبد السلام جبل پوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڻ گڏ هئا. مفتي بُرهان الحق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن اسين انهن وٽ پهتاسين ته مجذوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مٿي تي عمامو شريف سجائي، تخت تي وينا دلائل الخيرات شريف پڙهي رهيا هئا.

انهن اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خوب مهمان نوازي ڪئي، جڏهن واپس اچڻ لڳا ته مون ان مجذوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قدم مبارڪ پڪڙي عرض ڪيو: منهنجي لاءِ دعاءِ خير ڪري ڇڏيو! ان مجذوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي پٺيءَ تي هٿ رکيو ۽ سيدي اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: **انهن جي پويان هلندو وڃ! سڀ تنهنجي پويان هلندا**[1].

میں گرفتارِ بلائے دوجہاں | ہر بَلا سے کر رِہا! احمد رضا!
تُم ہی مُرشِد، تم دوائے رَنْج و غَم | مجھ پہ بھی چشمِ عطا! احمد رضا!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

رضا جي فيض کي سڄي دنيا ۾ پکيڙي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائر! الحمد لله! اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي الله پاڪ جو هيءُ وڏو ڪرم آهي، تمام وڏو احسان آهي جو هن دور ۾ سندن نالو حق جي سڄاڻپ آهي.

هاڻي هڪ خوبصورت ڳالهه عرض ڪريان: اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حق جي سڄاڻپ آهن ۽ الحمدلله! عاشقِ اعلیٰ حضرت، اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتهم العاليه پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي سيني گهروارن کي، سيني مريدن کي، سڄي چاهيندڙن کي عاشقِ اعلیٰ حضرت بڻائي

[1] فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحه:340۔

چڏيو آهي. الحمد لله! لڪين اسلامي پائر ۽ اسلامي پينرون اهڙا آهن جن کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف ۽ سندن محبت ۽ عقيدت اميرِ اهل سنت دامت برکاتهم العاليه سان وابستگي جي بدولت نصيب ٿي آهي.

فکرِ رضا کو کر دیا عالَم پہ آشکار | یہ تیرا اُونچا کام ہے الیاس قادری

اميراهلسنت جي اعليٰ حضرت سان محبت

الحمد لله! امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان تمام گهڻي محبت آهي، بيحد محبت آهي. ۞ جَلْوت هجي يا خَلوت (يعني اڪيلائي ۾ هجن يا ماڻهن جي ميڙ ۾)، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذڪرِ خير ڪندا رهن ٿا. ۞ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي وليُ الله آهن، سچا عاشقِ رسول ۽ اسان جا مُسَلَّمَ(جاتل سجاتل) بزرگ آهن، انهن جي عقيدت دل جي گهرائين ۾ سنيالي رکڻ بيحد ضروري آهي، الله جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي اَلْبَرَكَةُ مَعَ اَكَابِرِكُمْ يعني برڪت توهان جي بزرگن سان گڏ آهي. ۞ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: مسلڪِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ذرّي برابر هٽڻ کان اڳ الله پاڪ مون کي ايمان ۽ عافيت سان موت عطا فرمائي.

هڪ پسنديده ڪتاب جو انتخاب

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة کان پڇيو ويو: فرض ڪريو تہ توهان کي ڪنهن جهنگل يا صحراء ۾ قيد ڪيو وڃي ۽ قرآن ۽ حديث کان علاوه فقط هڪ ڪتاب رکڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ توهان ڪهڙي ڪتاب جو انتخاب فرمائيندؤ؟

پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمايائون: مان پاڻ سان گڏ اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو "فتاويٰ رضويہ شريف" کڻي وڃڻ جي درخواست ڪندس ڇو تہ هن ۾ گهڻو ڪجهه آهي، عبادتن ۽ اعتقادن بابت ڪافي رهنمائي موجود آهي پڻ هن

۾ تصوف بہ آهي[1].

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتابن کي پڙهڻ جو شوق

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: الحمد لله! منهنجي خوش نصيبي آهي جو مان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان متاثر ٿي ويس ۽ پوءِ هيءَ عقيدت ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي. جڏهن مون جواني جي چائنڻ تي قدم رکيو تہ ڪنهن لائبريري جو ميمبر ٿي ويس. اتان کان مان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فتاويٰ جا مجموعا جهڙوڪ ۞ احڪامِ شريعت، ۞ عرفانِ شريعت، ۞ ۽ ملفوظاتِ اعليٰ حضرت وغيره وٺندو هئس ۽ انهن کي ٿورو ٿورو ڪري پڙهندو هئس جو جيڪڏهن اهي ختم ٿي ويا تہ پوءِ ڇا پڙهندس؟ هي منهنجا جذبات هئا، انهن ڪتابن ۾ شرعي مسئلا پڙهي مون کي تمام گهڻو مزو ايندو هو تہ مان پڙهندو ويندو هئس. لغز اڏائڻ ڪيئن آهي؟ جهينگو ڪائڻ ڪيئن آهي؟ هن قسم جا دلچسپ مسئلا، جيڪي عام طور تي عوام کي معلوم ناهن هوندا، انهن کي پڙهي لطف ايندو هو. "فتاويٰ رضويہ شريف" جو تہ شايد ان وقت نالو بہ نہ ٻڌو هو. بهرحال الله پاڪ وڏو ڪرم فرمايو جو پنهنجي وليءِ ڪامل، عاشقِ رسول ۽ عظيم عالمِ دين ۽ مفتيِ اسلام جو دامن عطا فرمايو. عالم ۽ مفتي تہ ٻيا بہ گهڻا آهن پر احمد رضا جهڙو ڪوبہ ناهي. هاڻي بہ چار صدين ۾ سندن جهڙو ڪو پيدا ٿيو هجي منهنجي معلومات ۾ ناهي.

اگلوں نے بھی لکھا ہے بہت علمِ دین پر | جو کچھ ہے اس صدی میں وہ تنہا رضا کا ہے

امير اهلِ سنت جون نصيحتون

پيارا اسلامي ڀائر! الحمد لله! امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة عطّارين کي، پنهنجي چاهيندڙن کي، بلڪ سيني عاشقانِ رسول کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دامن سان وابستہ رهڻ جي تلقين ڪندا رهن ٿا. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن

[1] امیرِ اہلِ سنت کی کہانی انہی کی زبانی ، قسط 6

ٿا: الحمد لله! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دامن پڪڙي وَالله، بِالله، تَالله نوڪر ناهي ڪاڏي (هي اميراهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ڪمال محبت آهي، سندن ٽي پيرا الله پاڪ جو قسم ڪٽي چيو ته رضا جو دامن پڪڙيو آهي ته نوڪر ناهي ڪاڏي) بلڪ اسان دنيا هن در لاءِ نڪرائي آهي. الله ڪري ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دامن اسان جي هٿن کان نه ڇُٽي، اسان جي هٿن کان نه ڇُٽي، انهن جو دروازو مضبوطي سان پڪڙڻو آهي جو "يَكُ دَرْگِيْر مُحْكَم گِيْر" يعني هڪ ئي دروازو پڪڙ پر مضبوطي سان پڪڙ. هي تعليم به اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي ڏني آهي. هي به صحيح، ته هو به صحيح نه بلڪ جيڪو رضا چئي اهو ئي صحيح آهي، ڇو ته رضا ڪا به ڳالهه قرآن و حديث کان هٽي ڪري نه ڪندا آهن. جڏهن اسان انهن جي فتاويٰ، انهن جي ڪتابن ۽ انهن جي سيرت جو مطالعو ڪيو ته اسان جي سمجهه ۾ اها ڳالهه آئي ته رضا جي زبان مان اها ئي ڳالهه نڪرندي آهي جنهن جي تائيد ۽ تصديق قرآن سان ٿيندي آهي. ان لاءِ رضا تي پنهنجون اکيون بند ڪريو، جيڪڏهن اکيون کوليون ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو مشڪل ۾ پئجي وڃو ۽ دل جون اکيون بند ٿي وڃن، تنهنڪري اکيون بند ڪري رضا جي پويان پويان هلندا وڃو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! غوثِ پاڪ جي دامن تائين پهچي ويندا ۽ غوثِ پاڪ پنهنجي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي قدمن تائين وٺي ويندا.

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے | پھول رحمت کے جھڑیں گے، ہم اُٹھاتے جائیں گے

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة **ڪان پڇيو ويو:** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **تي اکيون** بند ڪرڻ جو ڇا مطلب آهي؟ فرمايائون: هن جو مطلب اهو آهي ته اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي ڪنهن به قسم جي تنقيد نه ڪندا آهيون ۽ نه ئي اسان کي انهن جي بيان ڪيل ڪنهن به ڳالهه تي ڪو شڪ ٿيندو آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي معاملي ۾ اکيون بند ڪرڻ ۾ ئي عافيت آهي، هن بارگاه ۾ اکيون کولينداته نوڪر لڳڻ جو خدشو آهي. ياد رکو! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي

الله پاڪ جو ولي مجون ٿا، نبي نٿا مجون. الله پاڪ جا بيشمار اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم آهن، انهن مان هڪ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به آهن.[1]

خواب ۾ اعليٰ حضرت جو ديدار نصيب ٿيو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هڪ رات مان سمهي رهيو هئس ته منهنجي قسمت جاڳي پئي، مون کي خواب ۾ امامِ اهلِ سنت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ديدار نصيب ٿيو. منظر ڪجهه ائين هو جو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ ڪجهه نوراني چهري وارا ماڻهو، جن جي مٿن تي عماما سجايل هئا ۽ سفيد لباس پهريل هو، سندن پويان نماز ادا ڪري رهيا هئا. ان کان پوءِ منهنجون اکيون کلي ويون، معلومات ڪيم ته خبر پئي ته هي سنتن پريو حليو جيڪو خواب ۾ ڏيکاريو ويو، هي دعوتِ اسلامي وارن جو آهي ۽ انهن جا امير مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة آهن. پوءِ مون کي اميرِ اهلِ سنت جو رسالو "تذڪره امام احمد رضا" پڙهڻ جو موقعو مليو، دل ته اڳ ئي مطمئن هئي، اميرِ اهلِ سنت جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت ڏسي مان وڌيڪ متاثر ٿيس ۽ اميرِ اهلِ سنت جي هٿ تي بيعت ڪري عطاري بڻجي ويس.[2]

مسلک کا تُو اِمام ہے اِلیاس قادری | تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری
سَر مستیٔ رضا کی ہر عالَم میں دھوم ہے | ساقیٔ دورِ جام ہے الیاس قادری
سنّت کی خوشبوؤں سے زمانہ مہک اُٹھا | فیضان تیرا عام ہے الیاس قادری

رضا جي خواب جي عملي تعبير

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي بڻايل پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي، جيڪا سڄي دنيا ۾ دين جي خدمت ڪري رهي آهي، الحمد لله! هي به اصل ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ئي فيضان آهي. ڪيترائي

[1] اعليٰ حضرت اور اميرِ اہلسنّت، صفحہ:5، 6۔

[2] اعليٰ حضرت کی انفرادی کوشش، صفحہ:46 ملخصاً۔

سال اڳ جي ڳالهه آهي، هند جو هڪ وڏو عالمِ دين عالمي مدني مرڪز "فيضانِ مدينہ" (ڪراچي، پاڪستان) ۾ تشريف کڻي آيو، جڏهن ڏاڪٽيون چڙهي ڪري هن فيضانِ مدينہ جي وسيع صحن ۾ قدم رکيو ۽ عالمي مدني مرڪز جي عمارت ۽ عاشقانِ رسول جي ڪثرت ڏني، تہ تڏي آهہ پريائين ۽ فرمايائين: امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دين جي خدمت جو جيڪو خواب ڏنو هو، اڄ مان جاڳندي اکين سان ان جي تعبير ڏسي رهيو آهيان.[1]

اللہ کی نعمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی | آقا کی عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
رَحمٰن کی رحمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی | شیطاں کی ہلاکت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
سب نبیوں کی ، ولیوں کی ، اصحاب کی اہلِ بیت | کی خاص عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
فیضانِ رضا ہے اور ، یہ غوث کا فیضاں ہے | خواجہ کی حِمایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اعليٰ حضرت جا 10 ارشادَ ۽ دعوتِ اسلامي

پيارا اسلامي ڀائرو! ان عالمِ دين اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جنهن خواب جو ذڪر ڪيو، اهو خواب ڇا هو؟ اهو اصل ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان ڪيل دين جي خدمت جا 10 نِڪات آهن، جيڪي فتاويٰ رضويه شريف ۾ لکيل آهن. اهي 10 نڪتا ڪهڙا آهن؟ اهي بہ ٻڌون ٿا ۽ دعوتِ اسلامي انهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ارشادن تي ڪيئن عمل ڪري رهي آهي؟ اهو بہ ٻڌون ٿا.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: وڏي پيماني تي دين جي خدمت لاءِ ضروري آهي تہ (1) مدرسہ قائم ڪيا وڃن، باقاعده استاد رکيا وڃن. الحمدلله! دعوتِ اسلامي ان تي عمل ڪيو، هن وقت (آگسٽ 2024 تائين) دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ تقريباً 7 هزار 371 جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز

[1] فيضانِ امام اہلسنّت، صفحہ:9۔

ايندڙ گرلز) قائم آهن، جن ۾ اسٽاف جو تعداد تقريباً 24 هزار 707 آهي، ۽ طالبِ علمن جو تعداد تقريباً 3 لک 74 هزار 305 آهي. (2) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: طالبن کي وظيفه ڏنا وڃن تہ جيئن اهي علمِ دين ڏانهن مائل ٿين. الحمدلله! دعوتِ اسلامي ان فرمانِ رضا تي بہ عمل ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي تحت مختلف تَخَصُّصات (Specialization)ڪندڙ طالبِ علمن کي ماهوار معقول وظيفا ڏنا ويندا آهن. ايئن ئي رهائشي مدرسة المدينہ ۽ جامعة المدينہ جي طالبن کي مفت هاسٽل جي سهولت، 3 وقت جي ماني ۽ مفت ميڊيڪل جي سهولت بہ فراهم ڪئي وڃي ٿي. (3) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: استادن کي بهترين تنخواهون ڏنيون وڃن تہ جيئن اهي علمِ دين پڙهائڻ ۾ گهڻي محنت ڪن. الحمدلله! دعوتِ اسلامي ان فرمانِ رضا تي بہ عمل ڪري رهي آهي. جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ ۾ پڙهائيندڙ استادن کي بهترين تنخواهون ڏنيون وڃن ٿيون. رمضان ڪريم ۾ بونس جي طور تي هڪ اضافي سيلري بہ ڏني وڃي ٿي. ان کان علاوه شرائط ۽ قانون موجب مفت ميڊيڪل ۽ ٻيون سهولتون بہ فراهم ڪيون وڃن ٿيون. (4) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: طلبہ جي صلاحيتن کي جانچيو وڃي، جيڪو طالبِ علم جنهن ڪم ۾ وڌيڪ مناسب هجي، معقول وظيفو ڏئي ان ۾ لڳايو وڃي. ۞ انهن مان ڪو مدرس بڻجي، ۞ ڪو مصنف بڻجي ۞ ۽ ڪو واعظ بڻجي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي ان تي بہ عمل جي ڪوشش ڪري رهي آهي. جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ پڙهڻ ۽ ٻيا شارٽ(مختصر) ڪورس ڪندڙ طلبا جي صلاحيتن جي جانچ ٿيندي آهي. انهن جي صلاحيتن موجب ڪو دارالافتاء اهلسنت ۾ پهچي فتويٰ لکڻ جي خدمت انجام ڏئي ٿو، ڪو مفتي بڻجي ٿو، ڪو المدينة العلميہ ۾ ديني ڪتابون لکڻ جي خدمت انجام ڏئي ٿو، ڪو مدرس بڻجي ٿو، ۽ ڪيئي امامت ۽ خطابت جا فرائض انجام ڏئي رهيا آهن. انهن ديني خدمت تي ڪين معقول ۽ بهترين تنخواهون بہ ڏنيون وڃن ٿيون. (5) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جيڪي افراد تيار ٿين، انهن کي ملڪ ۾ پکيڙيو وڃي تہ جيئن دين جي خدمت ڪن.

الحمدلله! دعوتِ اسلامي ۾ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ موڪليو وڃي ٿو. انهن کي باقاعده تنخواهون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ اهي فارغُ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواه) ٿي ڪري دين جي خدمت ڪن ٿا. (6) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: باقاعده تنخواهون ڏئي مصنفين کان مفيد ديني ڪتاب ۽ رسالا لکرايا وڃن. الحمدلله! ان مقصد لاءِ دعوتِ اسلامي جو هڪ پورو ادارو المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) قائم آهي، جتي ڪيئي مدني علماء ڪرام ديني ڪتاب لکي رهيا آهن. الحمدلله! هاڻي تائين ڪيئي ديني ڪتاب ۽ رسالا لکجي چڪا آهن. الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني علماء کي باقاعده تنخواهون ڏئي ٿي. (7) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: جيڪي ڪتاب لکجن، انهن کي سني طريقي سان ڇپرائي سڄي ملڪ ۾ ورهايو وڃي. هن رضا جي فرمان تي عمل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مکتبة المدينه قائم ڪيو، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتاب شايع ڪيا وڃن ٿا. تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪرڻ) جو به سلسلو ٿيندو آهي ۽ ڪتاب وڪرو به ٿيندا آهن. (8) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: شهرن ۾ ماڻهو موجود هجن، جتي جنهن قسم جي موضوعات جي ضرورت هجي، انهن عنوانن تي ڪتاب، رسالا لکجن ۽ شايع ڪجن. ان مقصد لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ آهي، ذيلي حلقن کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي. شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذِميدار موجود آهن. فيڊ بيڪ جو شعبو قائم آهي، جنهن اسلامي ڀاءُ کي پنهنجي علائقي، شهر وغيره کي ڏسندي جنهن قسم جي مواد جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، فيڊ بيڪ ۾ پنهنجي تجويز لکرائيندا آهن. ان تجويز تي مشاورت ٿيندي آهي ۽ پوءِ ان مطابق ڪم ڪيو ويندو آهي. (9) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: جيڪي قابل آهن پر ڪم ۾ مصروف آهن، انهن کي تنخواهون ڏئي، ڪمائڻ جي مصروفيت کان آزاد ڪري ديني ڪمن ۾ لڳائيندا وڃو. الحمدلله! هن انداز سان به دعوتِ اسلامي دين جي خدمت ڪري رهي

آهي. جيڪو جنهن صلاحيت جو مالڪ آهي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي دين جي خدمت ۾ لڳائي سگهي ٿو، ان جو باقاعده تقرر ڪيو وڃي ٿو، تنخواهون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي صلاحيتن کان فائدو وٺندي تقريباً 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت جاري آهي. (10) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: مذهبي اخبارون شايع ٿين، جن ۾ وقتاً فوقتاً موقع جي مناسبت سان مضمون لکجن ۽ سڄي ملڪ ۾ پهچايا وڃن. هتي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه اصل ۾ پرنٽ ميڊيا جي ذريعي دين جي خدمت جو ذڪر ڪيو آهي. ان دور ۾ ڊجيٽل ميڊيا موجود نه هو، هاڻي موجود آهي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي پرنٽ ميڊيا جي ذريعي به دين جي خدمت ڪري رهي آهي ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي ذريعي به دين جي خدمت ڪري رهي آهي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي جو پنهنجو ماهوار "فيضانِ مدينه" هر مهيني جاري ٿي رهيو آهي. دعوتِ اسلامي جي پنهنجي ويب سائيٽ به موجود آهي. يوٽيوب، فيس بڪ، انسٽاگرام وغيره جا پيجز به ٺهيل آهن. آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ به قائم آهي، جنهن جي ذريعي مختلف موبائل ايپليڪيشنز ٺاهي وڃي ٿي. ائين تقريباً هر فورم تي موجوده تقاضن مطابق دين جي خدمت جاري آهي.[1]

الحمدلله! دعوتِ اسلامي اعليٰ حضرت جي فيضان سان، سندن ٻڌايل طريقن مطابق موجوده دور جي تقاضن کي پورو ڪندي، سڄي دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ ڪندي پئي وڃي.

اللہ کی نعمت ہے ، یہ دعوتِ اسلامی
آقا کی عنایت ہے ، یہ دعوتِ اسلامی
ملحُوظ شریعت ہے ، تو پاسِ طریقت ہے
سر تا پا سعادت ہے ، یہ دعوتِ اسلامی
اسلام کی تعلیمات اور دین کے احکامات
سِکھلاتی شریعت ہے ، یہ دعوتِ اسلامی

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان به دعوتِ اسلامي جي هن ديني ماحول سان جڙيل رهو! دين جي هن عظيم خدمت ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

[1] فيضانِ امام اہلسنّت، صفحہ:189 بتصرف۔

دين ۽ دنيا جون بيشمار پلائيون نصيب ٿيندیون.

12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني ڪورسز

پيارا اسلامي ڀائرو! اڳين بزرگن جي عقيدن تي پختگي حاصل ڪرڻ، سڌي رستي تي استقامت ماڻڻ، محبتِ اعليٰ حضرت سان دل جا گل مهڪائڻ لاءِ هر وقت دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان جڙيل رهو! 12 ديني ڪم به خوب ذوق ۽ شوق سان ڪيو! ان شاء الله ڪريم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿيندیون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني ڪورسز به آهي. الحمد لله! ۞ دعوتِ اسلامي علمِ دين جو نور ورهائيندڙ ديني تحريڪ آهي ۞ گهٽ ۾ گهٽ فرض علمِ دين جهڙوڪ وضو، غسل، نماز، نمازِ جنازه، روزو، زڪوات وغيره جا ضروري مسئلا هر مسلمان سکي، دعوتِ اسلامي ان جو عزم رکي ٿي ۞ان مقصد تحت دعوتِ اسلامي ڪيترائي شارٽ ڪورس ڪرائيندي آهي؛ جهڙوڪ ۞ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ۞ 7 ڏينهن جو 12 ديني ڪم ڪورس ۞ 7 ڏينهن جو اصلاحِ اعمال ڪورس. ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪورس آهن. ان کان علاوه ۞ طهارت ڪورس ۞وضو ڪورس ۞غسل ڪورس ۞احڪامِ روزا ۞احڪامِ زڪوٰة ڪورس وغيره ڪرايا ويندا آهن. اهي ڪورس رهائشي به هوندا آهن ۽ غير رهائشي به هوندا آهن.

اوهان به هي مختصر مختصر ڪورس ڪري وٺو! انشآءَ الله الڪريم! گهڻيون برڪتون ملنديون ۞دين سکندؤ ته الله پاڪ راضي ٿيندو ۞رزق ۾ برڪت ٿيندي ۞علمِ دين جو خزانو ملندو ۞نيڪين جو ذهن بڻبو ۞ الله پاڪ جي عبادت صحيح طريقي سان ڪري سگهنداسين ته انشآءَ الله الڪريم! ڪرم ئي ڪرم ٿيندو ۞ مختصر ڪورسز جو هي فائدو به ٿيندو آهي ته انسان ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪجهه سکي وٺندو آهي ۞ ڪم ڪار به متاثر ناهن ٿيندا ۽ چند ڏينهن ۾ ڪافي ڄاڻ ملي ويندي آهي ۞ جيئن نماز آهي، ان جا احڪام ۽ مسئلا ته ايترا آهن جو ڪتاب ڀريا پيا آهن، اسان جهڙا ايتريون وڏيون

ڪتابون ڪيئن پڙهن؟ ايترو وقت ڪيئن ڪڍون؟ تنهنڪري آسان طريقو آهي، 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ڪري وٺو، انشآءَ الله الڪريم! انهن وڏن وڏن ڪتابن جو نچوڙ اسان کي سيکاريو ويندو آهي ۞ پوءِ ديني ماحول ۾ ملندو ۞ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ نصيب ٿيندي، جنهن جون پنهنجون ئي برڪتون آهن.

2 پائرن جي اصلاح جو راز

هڪ اسلامي پاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا هئس، قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو منهنجي وڏي پاءُ اسلامي پائرن جي سمجهائڻ تي 63 ڏينهن جي مدني تربيت واري ڪورس ۾ داخلا ورتي. ڪورس ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پاءُ گهر آيو تہ سڀ گهر وارا اهو ڏسي حيران رهجي ويا تہ هو مڪمل طور تي بدلجي چڪو هو، سنتن سان ڀرپور لباس، مٿي تي عمامي شريف جو تاج هو. مان انهن جي اخلاق ۽ ڪردار کان تمام گهڻو متاثر ٿيس. الحمد لله! منهنجي پاءُ مون کي ۾ نيڪيءَ جي دعوت ڏني ۽ مون کي هفتي وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ساڻ وٺي آيو. پاءُ جي سمجهائڻ تي مون ۾ 63 ڏينهن جي مدني تربيت واري ڪورس ۾ داخلا ورتي، جنهن ۾ شريعت جا ڪيترائي مسئلا، سنتون ۽ دعائون سکڻ جو موقعو مليو. مون تي منهنجي ڪريم ربّ جا ڪروڙ احسان آهن جنهن پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي دعوتِ اسلامي جو پيارو پيارو ديني ماحول عطا فرمايو.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خدا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

دعوت اسلامي جي ڊيجيٽل سروسز موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن بنام دعوتِ اسلامي ڊجيٽل سروسز Dawateislami Digital Services متعارف ڪرائي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي خوبي اها آهي تہ هن ۾ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ طرفان جاري ڪيل سمورو مواد، جهڙوڪ دعوتِ اسلامي جون سڀ ويب سائيٽس، سوشل ميڊيا پيجز، ايپليڪيشنون گڏ ڪيون ويون آهن. جيڪڏهن توهان ڪنهن ويب سائيٽ تي وڃڻ چاهيو ٿا، يا ڪنهن سوشل اڪائونٽ تي يا ڪا ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪرڻ چاهيو ٿا، تہ بس هن ۾ سرچ ڪريو ۽ اسلامي معلومات جو خزانو حاصل ڪريو. تنهنڪري اڄ ئي هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين سان بہ شيئر ڪريو!

مدرسةُ المدينہ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اسان مسلمان آهيون، الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت، اسان جي ايمان جو تقاضو آهي، الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت جي علامت قرآن ڪريم سان محبت ڪرڻ آهي، اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ قرآن ڪريم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن(قرآن) کي سکڻ سيکارڻ وارن کي تمام انسانن کان بهتر قرار ڏنو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1] هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت کي امت جي بهترين عبادت قرار ڏنو آهي.[2]

---

[1] بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من ...الخ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔

[2] شعب الایمان ، باب فی تعظیم القرآن ، فصل فی ادمان تلاوتہ، جلد:2، صفحہ:354، ، حدیث : 2022۔

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جي تلاوت تڏهن ئي عبادت چورائيندي جڏهن ان کي درست انداز ۾ عربي لب و لهجي ۾ پڙهيو وڃي، قرآن ڪريم کي درست انداز ۾ پڙهڻ سکڻ، بنيادي فرائض علوم ڄاڻڻ، ۽ ڪوڙ سنتن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ ئي مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلا وٺو! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

چند ضروري اعلانات

۞ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، ايندڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَالله الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سوالن جا جواب بہ عطا فرمائيندا. تمام ذمّہ داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

۞ شيخِ طريقت، امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو **"فيضانِ دعوت اسلامي (اسپيشل ماهوار)"** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان بہ شيئر ڪريو! ۞ اعليٰ حضرت کي 100 کان وڌيڪ علوم تي مهارت حاصل هئي، ۽ سندن تقريبن 1 هزار ڪتاب تحرير ڪيائون، فتاويٰ رضويہ انهن ۾ سيني کان وڌيڪ نمايان آهي، جنهن کي فقہ حنفي جو انسائيڪلوپيڊيا چيو وڃي تہ بي جا نہ ٿيندو، مڪتبة المدينہ ان ۾ موجود هڪ رسالو بنام اعليٰ حضرت کان سوال جواب کي شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي، هي رسالو مختلف موضوعن تي اعليٰ

حضرت کان ٿيڻ وارن سوالن جي جوابن تي مشتمل آهي. اوهان هي رسالو مکتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 70 روپئي ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا. اڄ ئي اهو رسالو خريد ڪيو! پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدار رسالت،شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حِلم(بُردباري) مصطفيٰ ڪريم جي سنت آهي

مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا 2 فرمان: (1): حِلم وارو دنيا ۾ بہ سردار آهي، آخرت ۾ بہ سردار آهي.[2](2): حِلم جي ذريعي انسان ڏينهن ۾ روزو رکڻ ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) ڪرڻ واري جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! حِلم سُنّتِ مصطفيٰ آهي. ۞ اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ بغير وجهہ جي غصو نہ ڪيو. ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪنهن کان بدلو نہ وٺندا هئا. ۞ گذريل آسماني ڪتابن ۾ سندن هي وصف بہ بيان ٿيو: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1] مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

[2] جامع صغیر، صفحہ:233،حدیث:3831۔

[3] مَجْمَعُ الزَّوائِد، کتابُ الْاَدب، باب حُسْنِ اَخْلاق کے بیان میں، جلد:8، صفحہ:19، حدیث:12687۔

سان جيترو جهالت وارو ورتاءُ ڪيو ويندو، اوترو ئي سندن حِلم وڌندو ويندو.[1]

حِلم سان متعلق مدني گل: ۞ حلم الله پاڪ جي صفت آهي .۞ حلم الله پاڪ جو پسنديده وصف آهي .۞ حِلم انبياء جي سنت آهي .۞ حِلم جي معنٰي آهي: آهستگي، بردباري (نرم مزاجي) امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تحمل (يعني بردباري) غصو پيئڻ کان افضل آهي ڇاڪاڻ تہ غصو پيئڻ جي ضرورت ان کي هوندي آهي، جنهن جو غصو گهٽو ٿي وڃي، جڏهن تہ حلم واري کي غصو ايندو ئي ناهي[2].۞ حلم سان بزرگي ملندي آهي.

حَليم بڻجڻ جا طريقا: ۞ حِلم تڪلف سان حاصل ٿئي ٿو (يعني ماڻهو ڪوشش ڪري، زبردستي غصو پيئندو رهي، آهستي آهستي طبيعت ۾ حلم پيدا ٿي ويندو) ۞ عمامو بڌڻ سان حلم وڌندو آهي .۞ ٻڪريون چارڻ سان بہ طبيعت ۾ حلم پيدا ٿيندو آهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر
جو بھی شیدائی ہے مدنی قافِلوں کا یاخدا! دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا!

---

[1] صِراط الجنان، جلد:2، صفحہ:79۔

[2] اِحْيَاء العلوم مترجم، جلد:3، صفحہ:535۔

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جشن ولادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطار

سگ مدينہ محمد الياس عطار قادري عفي عنہ جي طرفان تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾

السلام عليكم ورحمة الله وبركاته الحمد لله رب العٰلمين علىٰ كل حال

اَلْحَمْدُ لِلّٰه ربّ العٰلمين! خوشي مان جهومو! جلد ئي ماهِ ربيع الاول اچڻ وارو آهي، سنين سنين نيتن سان جشنِ ولادت جون ڏومون مچائڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو.

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ | اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

1) چنڊ واري رات جو هنن لفظن ۾ ٿي پيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: ”تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع النور شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي“

ربیعُ النُّور اُمّیدوں کی دنیا ساتھ لے آیا | دعاؤں کی قبولیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

2) براءِ ڪرم! ربيع الاول شريف جي برڪت سان اڄ کان ئي اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ڪرڻ جي نيت ڪن . (مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کي هميشہ جي لاءِ ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي.)

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت منہ کے بل اَوندھے گرے | دَبدبہ آمد کا تھا، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

3) سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو بهترين فارمولو هي

آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي پائرن ۽ اسلامي پينرن اڄ ڇا ڇا عمل ڪيو؟ ان جي متعلق روزانو "**پنهنجي اعمال جو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو** پري هر مهيني جي پهرين تاريخ پنهنجي هتان جي ذميدار کي جمع ڪرايو. تقويٰ جو خزانو هٿ ايندو ۽ عشقِ رسول جا جام پري پيئڻ جي لاءِ ملندا.

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں | اب مُرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

4) دعوت اسلامي جي نگرانن ۽ ذميدارن سميت نيت ڪيو تہ هفتہ وار مدني مذاڪري ۾ شرڪت (سوال جواب شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ 1 ڪلاڪ 12 منٽ) ۽ هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾"رات گذارينداسين، هي نيت بہ ڪيو تہ هر مهيني 3 ڏينهن جي، هر 12 مهينن ۾ 1 مهيني ۽ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ سال جي مدني قافلي ۾ سفر ڪنداسين. تمام عاشقانِ رسول نگران ۽ ذميدارَ سميت ربيع الاول ۾ بارگاهِ رسالت ۾ ايصالِ ثواب جي نيت سان گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي لاءِ سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪن. ۽ روزانو"گهر درس" بہ ڏين يا ٻڌن.

میں مبلّغ بنوں سنتوں کا، خوب چرچا کروں سنتوں کا

یاخدا! درس دوں سنتوں کا، ہو کرم! بہر خاکِ مدینہ

5) پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي 12 **عدد** نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد مدني جهنڊو **ربيع النور شريف** جي چنڊ رات کان وٺي 12 ربيع الال تائين لهرايو.، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙي گاڏين وغيره تي مدني پرچم ٻڌو. پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي بہ لڳايو، هر طرف ساون جهنڊن

جون بهارون مرڪندي نظر ايندیون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، تي سگهي ته پنهنجي گاڏين تي هي لکرايو ”**مون ۾ دعوتِ اسلامي سان پيار آهي .**“

دعاءِ عطار: ياربّ مصطفيٰ! جيڪو پنهنجي اسڪوٽرن تي (صرف اڳيان ۽) ڪارن، ٽيڪسين، بسن، ٽرڪن، پاڻي جي ٽينڪرن، ويگنن، رڪشن، سوزوڪين وغيره تي اڳيان يا پٺيان يا ٻنهي طرف”**مون ۾ دعوتِ اسلامي سان پيار آهي**“ لکي يا لکرائي يا اسٽيڪر لڳرائي. ان جي گاڏي کي ايڪسيڊنٽ کان محفوظ فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ، جيڪو ڪنهن گاڏي واري کي ان ڪم جي لاءِ تيّار ڪري ان جي حق ۾ به اها دعا قبول فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ضروري احتياط: جيڪڏهن جهنڊي تي سبز گنبذ، نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي ته هن ڳالهه جو خيال رکو ته نه اهو ڦاٽي، نه ئي زمين تي اچي پئي، جيڪڏهن اَدب نه ٿي سگهي ته اهڙو پرچم نه لهرايو، جيئن ئي 12 **ربيع النور شريف** جو ڏينهن موڪلائي وڃي ته فوراً تمام جهنڊا ۽ لائٽنگ جو سامان لاهي ڇڏيو، خاص طور مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۽ دعوتِ اسلامي جي مسجدن ۽ جامعة المدينه ۽ مدرسة المدينه تان به انهيءَ وقت لاهڻ جي ترڪيب ڪيو.

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دنیا پر چھا جاؤ | نبی کا جھنڈا امن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

6) پنهنجي گهر تي 12 جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ 12 بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ به 12 ڏينهن تائين عرف مطابق چراغان (يعني لائيٽنگ) ڪيو جتي مسجد جي چندي مان 12 ڏينهن تائين

چراغان جو عرف(يعني معمول) نہ هجي تہ ان ڪم جي لاءِ الڳ ڪان چندو ڪري 12 ڏينهن تائين چراغا ڪري سگهجي ٿو. سڄي علائقي کي ساون ساون جهنڊن ۽ رنگ برنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. ممڪن هجي تہ مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف ڪان بچائيندي حقوقِ عامہ ضايع ڪرڻ ڪان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا وڏا جهنڊا لهرايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، خبردار! گهٽيءَ وغيره ۾ ڪٽي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿيڻ ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي. (ياد رهي! انهن سجاوٽن جي لاءِ بہ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي، لهٰذا هن سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز ترڪيب بڻايو.)

ایک مشرق،ایک مغرب، ایک بامِ کعبہ پر
نَصب پرچم ہوگیا، اَهْلاً وَّ سَهْلاً مرحبا

(وسائل بخشش ص345)

7) هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر مڪتبة المدينہ جا ديني رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهايو. اهڙي طرح سڄو سال دڪانن وغيره تي"تقسيمِ رسائل" جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڏومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ "تقسيمِ رسائل" جي ترڪيب ڪيو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. ۽ سيئي هفتيوار رسالا پڙهڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيو، ۽ هرسال ويتر 12 مهينن جي لاءِ"ماهنامہ فيضانِ مدينہ" جي بڪنڪ ڪرايو.

چار سُو رحمتوں کی ہوائیں چلیں، ہوگئی جس سے ساری فضا دل نشیں
مسکراؤ سبھی آگئے ہیں نبی، غم کے مارو تمہاری خوشی کے لیے

(وسائل بخشش ص345)

8) پمفليٽ **"جشنِ ولادت جا 12 مدني گل"** ممڪن هجي ته 112 نہ ته گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد ۽ تي سگهي ته **رسالو "صبح بهاران"** 12 عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي **ربيع الاول** ۾ **لائٽنگ ڪندا يا محفلِ نعت يا جلوسِ ميلاد** جون ڏومون مچائيندا آهن. **ربيع النور شريف** جي دوران ڪنهن سني عالم يا امام مسجد، مؤذن يا خادمِ مسجد جي ڪجهہ نہ ڪجهہ مالي خدمت ڪيو ۽ زهي نصيب! هر مهيني اها سعادت حاصل فرمايو. شادين جي موقعن تي "شادي ڪارڊ" سان گڏ مڪتبة المدينہ جو ديني رسالو بہ وجهي ڇڏيو. عيد ڪارڊن جي بدران ديني ڪتاب ۽ رسالا ڏيڻ جو رواج وجهو ته جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو بہ فائدو ملي. شادي غمي جي تقريبن ۾ پنهنجي شهر جي مڪتبة المدينہ کان ترڪيب بڻائي بستو لڳرايو ۽ مهمانن ۾ توفيق آهر اسلامي ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪيو.

ولادتِ شہِ دیں ہر خوشی کی باعث ہے | ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ[1]

9) شهرن، ڳوٺن وغيره ۾ هر يوسي جا نگران 12 ڏينهن تائين روزانو مختلف مساجد ۾ عظيم الشان سنتن ۽ يا اجتماعات منعقد ڪن. شخصيات جي گهرن، عاشقانِ رسول جي دڪانن، مارڪيٽن، ڪارخانن، تعليمي ادارن وغيره ۾ بہ اجتماع ڪيو. (ذميدار اسلامي پينرون مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق گهرن ۾ اجتماعات فرمائن)

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم | دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

[1] ... ذوقِ نعت ص۱۲۲

10) 11 **ربيع الاول** جي شام جو نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ چاهيو تہ سفيد چادر، پردي ۾ پردي لاءِ چادر، ڏنڊ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قفلِ مدينہ پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هر شيءِ ممڪن هجي تہ نئين ونو. (مجلسِ ميلاد شريف ۽ ٻين خير جي مجلسن لاءِ غسل ڪرڻ مستحب آهي. ڏسو: نماز جا احڪام ص 115)

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا | عالَم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ وِلادت

11) **ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد** ۾گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن هٿن ۾ سبز سبز جهنڊا کڻي، درود ۽ سلام پڙهندي اکين مان ڳوڙها وهائيندي **"صبح بهاران"** جو استقبال ڪيو. فجر جي نماز کانپوءِ **سلام ۽ عيد مبارڪ** چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون پيش ڪندا ۽ عيد ملندا رهو.

عيدِ ميلادُ النّبي تو عيد کي بھي عيد ہے | بالیقیں ہے عيدِ عيداں عيدِ ميلادُ النّبي

12) **الله پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي، محمد رّسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا رهيا، توهان بہ يادِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ 12 **ربيع النور شريف** جو روزو رکي ڪري سائو جهنڊو کڻي **جلوسِ ميلاد** ۾ شريڪ ٿيو. جيستائين ممڪن ٿئي با وضو رهو ۽ زبان تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغمہ ڳائيندي ۽ درود ۽ سلام جا گل پيش ڪندي نگاهون جهڪائيندي باوقار طريقي سان هلو. نينگ ٽپا ڏيندي ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نہ ڏيو. (ذميدارنِ

دعوتِ اسلامي جلوسِ ميلاد ۾ اهي ئي نعرا لڳائن يا گاڏين ۾ اهي ئي نعتون هلائن جيڪي مدني مرڪز طرفان جاري ڪيل آهن)

ربیعُ الاوّل تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ ہوں قرباں | کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ۾ پري

اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

﴿4﴾ چهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان چهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[4]

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[3] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4] ... القول البديع، الباب الاول، ص4125

﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

﴾2﴿ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3] ... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455